ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.5 No.2, 2022

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٿر جي سماجي قدرن جو اڀياس

# Study of Social Values of Thar in the Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai

1. ڊاڪٽر ڦُلو ’سندر‘ ميگهواڙ، 2. ڊاڪٽر برڪت علي ڏاهري، 3. هنسراج هنس اوڏ، 4. فرمان علي شر

**Dr. Phuloo `Sunder` Meghwar[1], Dr. Barkat Ali Dahri[2], Mr. Hansraj Hans Oad[3], Mr. Farman Ali Shar[4]**

**Abstract:**

*Shah Abdul Latif Bhitai was fond of observing all parts of Sindh, mainly Thar. Thar is culturally rich and naturally beautiful. Therefore, he visited Thar, variously. He observed the social life, cultural colors, and psychology of the Tharis, which sketched a deep impact on his thinking. As a result, he prioritized Thar and its environment in his poetry. The land of Thar, its environment, culture, customs, seasons, and people, despite the poverty, hunger, misery, and disease, and not giving up their passions and loving them and rejoicing in the soul everything that is related to their land. Hospitality, freedom, bravery, social and religious tolerance, humaneness, and character, considering one's ancestors and one's family to be greater and more reliable than the kingdom, simplicity, truth, loyalty, beauty, one's culture, trees, birds, animals. Love with others and living a free life etc., Shah Latif saw all the qualities in Thar. He presented them in his poetry, and by highlighting the greatness of humanity, he taught, how to be a complete human being and taught the lesson of an ideal society.*

*This study explores the social values of Thar as reflected in the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai, a revered Sufi poet of Sindh. Through an in-depth analysis of his verses, the research delves into the cultural, moral, and ethical norms prevalent in the Thar region, as depicted by Bhitai. The poet's work not only captures the essence of Thar's landscape but also mirrors the values of resilience, and communal harmony that characterize its people. By examining Bhitai's portrayal of themes such as love, sacrifice, and social justice, this paper sheds light on the enduring relevance of these values in contemporary society. The findings underscore the significance of Bhitai's poetry as a rich source of understanding the socio-cultural fabric of Thar and its influence on the broader Sindhi cultural identity.*

**Keywords:**
Sindh, Thar, Thari Culture, Shah Abdul Latif Bhitai's Poetry, Social values of Thar, Sindhi Poetry

[1] Dr. Meghwar is Assistant Professor, at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh.

[2] Dr. Dahri is Lecturer, at Government College of Education, FB Area, Block 15, Karachi, Sindh.

[3] Mr. Oad, Lecturer, Department of Political Science, University of Sindh, Jam Shoro, Sindh.

[4] Mr. Shar, is student Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh.

مارو پاڻ اَمُلهه مليرون مرڪٽو، يا ميائي جياس جي وجي مڙهه ملير ڏي، جهڙا معتبر خيال هڪ مهان تخليقڪار جي ئي تخليق ٿي سگهن ٿا. يقين اهڙي عظيم اُنسيت جو محرڪ سندس ڪردار، جي هر حوالي سان سچا ۽ کرا آهن، ئي ٿي سگهن ٿا. دنيا جا عظيم شاعر، مفڪر ۽ فلسفي پنهنجي ڌرتيءَ سان واڳيل ماڻهن، وڻن ٽڻن، پکين، جانورن، پٽن، ڊڙن، ڍورن، واهڻن، وستين، رستن، واٽن، ۽ ان ڌرتيءَ جي آسمان ۽ ان جي تارن، چنڊ، سج ۽ ستارن سان ايئن سلهاڙيل رهندا آهن ۽ انهن سان ئي محبت جا رشتا ايئن ڳنڍيندا آهن، نڀائيندا آهن، ڄڻ اهي هن جو ڪُل هجن ۽ هُو سندن جُز.

شاهه عبداللطيف هڪ عظيم شاعر آهي ۽ اها اسان جي خوش نصيبي آهي ته، سنڌ ڌرتيءَ تي سندس جنم ٿيو. اِها شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي به اوتري ئي خوش بختي هئي، جيتري ’سنڌ‘جي. تڏهن ته پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي پيا ۽ اڄ اسان اهو چوڻ ۾ لِڪِ برابر نٿا هبڪون ته ”لطيف، سنڌ آهي ۽ سنڌ، لطيف آهي. “لطيف جي ايڏي مهانتا جو سبب سندس ڌرتي ۽ انهيءَ ڌرتيءَ جو عوام آهي ۽ انهيءَ قوم جي به انهيءَ ۾ عظمت آهي ته، انهيءَ کي لطيف جهڙو شاعر سندن ڳڻ ۽ اوڳڻ ڳائڻ، ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي، ٻئي وجود هڪٻئي ۾ تاڃي پيٽي آهن. انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪرڻ هاڻي ڳالهين کي دهرائڻ ٿو لڳي، ڇوته جديد نفسياتي سائنس جي پيش منظر ۾ ان نڪتي تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي، هڪ انسان جو لاشعور ٻالڪپڻ کان وٺي پڪي وهيءَ تائين ڪيئن ٿو ردِعمل ڏيکاري. شاهه صاحب جي لاشعور جڙڻ ۾ سندس گهر جو ماحول ۽ پوءِ انهيءَ لاشعوري سمنڊ جي سمجهه کي شعوري دنيا ۾ آڻڻ لاءِ جيڪو مشاهدو ماڻيو، تنهن سندس فڪر کي عالمي بڻائي ڇڏيو.

شاهه جي سنڌ ۽ سنڌي قوم سان ايڏي محبت ۽ لڳاءَ جا ڪيترائي سبب آهن، جيڪي شاهه جي شعور ۽ لاشعور تي پنهنجو اثر ڄمائن ٿا ۽ شاهه وري انهن جي ئي ڳالهه ڪري ٿو، يعني هر مفڪر وانگر شاهه به پنهنجي وجود ۾ خارجيت اوتي داخليت کي پنهنجي فن ۾ ڇٽي ٿو. ذاتي (فنڪارانه) تخيل ۽ سوچ جو اظهار ڪرڻ سان گڏوگڏ معروضي حالتن تان پڻ پردو کڻي ٿو.

ڪليل اک انسانن لاءِ ڪتابن کان وڌيڪ ڪائنات جو ڪليل ڪتاب وڌي اهميت رکي ٿو ۽ انهيءَ کي سوچڻ جي دعوت ڏئي ٿو، تڏهن ئي آئن اسٽائن چيو آهي ته، ’تصور، ڄاڻ کان وڌيڪ اهم آهي.‘ فطرت جي ڪليل ڪتاب مان، تخليق جا موضوع حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي مشاهدي ۽ مطالعي جو نمونو ئي پنهنجو هو، هن جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ اعليٰ درجي جا هئا ۽ هن جي تخيل جي رفتار ۽ اڏام به نرالي هئي، تنهن ڪري نه رڳو سئر سياحت ڪندي، پر گهر ويٺي به هن گهڻوئي ٿي پرايو. سُر ڪاپائتيءَ ۾ ائٽ تي ويچارڻ ۽ انهيءَ جي عمل کي اهڙي عمدي نموني ۽ اعليٰ معنيٰ ۾ اظهارڻ، سُر سسئي ۽ سُهڻي ۾ هر مشڪل کي منهن ڏيندي، پنهنجي منزل طرف ڏوڪيندو رهڻ جا ڏس ڏيڻ، سُر سارنگ ۾ ماروئڙن جي برسات کان پوءِ جي زندگيءَ جو نقشو چٽڻ، سُر سامونڊيءَ ۾ وڻجاري جي ونيءَ جي احساسن جي ٻولي ڳالهائڻ، سُر ڪنيات ۾ اٺ کي ڪيترن ئي لڪيل معنائن طور استعمال ڪرڻ، سُر رامڪلي ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ جوڳين ۽ درويشن ۽ سچن سالڪن جي زندگيءَ جا عڪس چٽڻ کي تصوراتي ناهن، اهي عام حقيقتون آهن، جيڪي اسان عام ماڻهو پنهنجي عام اک سان ڏسي نه ٿا سگهون، پر شاهه صاحب انهن کي خاص اک سان ڏٺو ۽ خاص بڻائي پيش ڪيو. سنڌ ڌرتيءَ جي عام ماڻهن جي زندگي ۽ قدرتي خوبصورتيءَ جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ ڀٽائي جهرجهنگ جهاڳيا ۽ پورا چار سال گهر کان ٻاهر رهي ٿو، پنڌ ۽ رند تي:

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني،
وجي پُونءِ پيني، سارينديءِ کي سڄڻين.

سُر مارئيءَ ۾ ماروئڙن جي رهڻي، کهڻي ۽ ڪرڻيءَ جا زنده عڪس چٽيندي، نہ صرف ٿر جي جاگرافيائي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشي ماحول جي اپٽار ڪئي آهي، بلڪ ٿري ماڻهن جي نفسيات جو بہ گهرائيءَ سان مشاهدو ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪي آراڙي ڪي پلاءِ ڪان معتبر تا سمجهن ۽ لکن جي ماڙين کي ڪکن جي جهوپڙين اڳيان تڇ برابر تا سمجهن ۽ آزاد زندگيءَ جا حامي آهن.

شاهہ لطيف ڪئين ڀيرا ٿر گهميو ۽ ٿر جي سماجي زندگي، ثقافتي رنگن ۽ ماڻهن جي نفسيات جو مشاهدو ماڻيو، جنهن جا شاهہ صاحب جي سوچ تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ ان کي پنهنجي ڪلام ۾ اوتيائين.

**لطيف جي ٿر تان پيرن بابت محققن جا رايا:**

لطيف، هيلايا ۽ ڪينجهر ڪان ٿيندي ٺٽو، ڀنڀور، ڪراچي، حب ندي، گهتيڪا ۽ لڪ، گرو چيلي جو رڻ، هاڙهو ۽ هنگول ڏسندي وجي هنگلاج پڄي ٿو ۽ اتان واپس موٽندي، ڪراچي ڪان ٿيندي، دوارڪا جي درسن لاءِ گرنار ڏي پنڌ پئي ٿو ۽ اهڙي طرح ’ڪڇ ‘طرف ٿو ڪاهي ۽ اتي پُڄ، هالار، پوربندر، دوارڪا، جهونا ڳڙهہ، گرنار ۽ ڪنيات کي ڏسي واپس موٽي ٿو.

بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب ’سنڌ جو شاهہ ‘۾ لکي ٿو تہ، ”ڪنيات ڪان واپسيءَ جا وري بہ رستا آهن، هڪ خشڪيءَ ذريعي جيڪو ڪڇ ۽ رڻ ڪڇ ڪان ٿيندو، ٿر جي ’وٽ‘ واري علائقي مان سنڌ اچي ٿو ۽ ٻيو جهونا ڳڙهہ ڪان پوربندر ۽ اتان ٻيڙن ذريعي لکپت بندر تائين. هن موقعي تي ڀٽائيءَ جي هيءَ سٽ مناسب لڳي ٿي:

ڪاري ڪيڙائو، مٿي مِنِي موٽيا. “(1)

بدر ابڙو، شاهہ صاحب جي ڪڇ ڪان واپسي ساموٺڊي سفر ذريعي لکي ٻڌائي ٿو تہ ”مان تجويز ٿو ڪريان تہ، ڀٽائي گهوٽ جهونا ڳڙهہ ڪان موٽ ڪاڏي هوندي ۽ سمنڊ جو مڪمل مشاهدو ڪيو هوندائين. ڪنيات ڏانهن پيچ واري پاسي ڪان خشڪي رستي ڪنهن ٻئي دفعي ويو هوندو. “(2)

بدر ابڙو، شاهہ صاحب جي ڪڇ ڪان واپسيءَ متعلق ٻن رستن جي نشاندهي ڪري ٿو، جيڪي ٻئي ٿر وٽان گذرن ٿا. ”ٿر ۾ ڀٽائي ٻن مان هڪ واٽ ورتي هوندي، يا تہ هُو ڪڇ ڪان واپسيءَ مهل رحمڪي بازار واري پاسي ڪان ويڙهي جهپ ويو هوندو، جتي هڪ برهمڻ سنياسي پارو فقير جي مڙهي آيو... ويڙهي جهپ ڪان پوءِ مارئيءَ جو ملڪ يعني پالوا، گوڙي مندر، پارڪر، ڊٺ، پائر وارا پاسا ۽ عمرڪوٽ ڏنو هوندائين ۽ پوءِ کپري واري واٽ ڪان واپس ٿيو هوندو، جتي سنڌس تڪيا آهن... يا وري ڀٽائي، ڪنيات جي سفر دوران ڪارونجهر وٽان لنگهيو هوندو ۽ ڪارونجهر ۾ ستين جا نشان، ساڙدري ۽ پاراسر رشيءَ جي آستانو، محمود بيگڙي جي 1505ع ۾ جوڙايل مسجد بہ ڏٺي هوندي. هن پار ننگر جا باقي اهڃاڻ بہ ڏٺا هوندا، جيڪو ويراهہ واهہ لڳ قبل مسيح ۾ قائم ٿيو. پاري ننگر ۾ 1226ع ڪان پوءِ بہ ڪجهہ مندر هئا. ڀٽائيءَ جي وقت ۾ ڪجهہ مجسما بہ موجود هوندا. “(3)

بدر ابڙو، شاهہ صاحب تي ٿري ماحول جي اثر متعلق لکي ٿو تہ، ”ٿر ۾ ريگستاني ماڻهن جي زندگي، عمر مارئيءَ جي قصي، مومل راڻي جي ڪٿا، وسڪاري ڪان پوءِ وارن منظرن، ڀٽائيءَ تي ايترو

اٿر ڇڏيو آهي، جو هن ٿر کي انهن ئي حوالن سان ڳائي، ماڳن مڪانن جو ذڪر ضروري نہ سمجھيو آهي. نيٺ بہ هو تاريخ دان نہ هو. "(4)

محترم بدر ابڙو صاحب، شاهہ صاحب جو ٿر گهمي ڏسڻ ۽ اتان جي ماحول جو مشاهدو ماڻڻ متعلق هڪ ٻيو بہ خيال رکي ٿو تہ، "ٿر ۾ سفر بابت ٻيو امڪان اِهو آهي تہ پٽائي وسڪاري واري مند ۾ خاص طور تي ٿر جي سفر لاءِ سنبريو هوندو. جڏهن هن سُر سارنگ جي رچنا ڪئي. ان سفر دوران هن ڪپري ۽ عمرڪوٽ کان پٽون لتاڙي پارڪر، مٺي ۽ ويڙهي جهپ واري واٽ ورتي ۽ پوءِ ڪڇ جو چڪر بہ هنيو. حقيقت اها آهي تہ ٿر، رڻ ڪڇ، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ جيسلمير جي علائقن کي ڪيئي واٽون هڪٻئي سان ڳنڍين ٿيون، تنهن ڪري صحيح واٽ جو تعين ڪجهہ ڏکيو ڪم آهي. "(5)

'لطيفي سير' جو ليکڪ ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي پڻ انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهي تہ شاهہ صاحب ڪنيات کان موٽندي ننگرپاڪر ۽ اُتي موجود ڪارونجهر، پوڏيسر، ڪجلاسر، ڪارونجهر ۾ ڪيترائي مندر، نرياسر، ويرا واهہ، پاري ننگر، پائر جي ٿر جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ مڪان، ملير، گوڙي، ويڙهي، جهپ، پراڻ، عمرڪوٽ، ڪائر جو ٿر، جيسلمير، لوڊاڻو ۽ ڪاڪ وغيره علائقا گهميا ۽ ڏٺا.

معمور يوسفاڻي، 'سُر ڍهر 'کي 'سُر ڏاهر 'لکندي وضاحت ڪري ٿو تہ "لسانيات جي دائري ۾ ٻنهي لفظن (ڏاهر ۽ ڍهر) جو جائزو ورتبو تہ ڍهر لفظ، ڏاهر جو مخفف (ننڍو ڪيل) ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاهر سان هم وزن لفظ ملن ٿا، جن جا مختلف مخفف پڻ ڍهر جهڙا ٿين ٿا، جيئن واهر مان وهر ۽ ٿاهر مان ٿهر، لوهار مان لوهر يا ميهار مان ميهر وغيره...

شاهہ صاحب هن سُر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي جنهن ڌرتيءَ جا اهڃاڻ پيش ڪيا آهن، اها ڌرتي قديم دور ۾ مشهور سمي سردار "ڄام ڏاهر "۽ ان جي وڏن جي آباد ڪيل پوءِ هئي.

جيئن تہ ڄام ڏاهر کي سنڌ توڙي ڪڇ جا ماڻهو ڄام ڍهر ڪوٺيندا هئا، ان ڪري جڏهن ڄام ڏاهر، 'وٽ' واري سهٽي علائقي ۾ پنهنجي نالي سان شهر ٻڌايو تہ اهو ڄام ڍهر جو شهر سڏجڻ ۾ آيو ۽ گهٽي وقت کان پوءِ ان شهر کي ماڻهن فقط ڍهر ڪوٺيو، جنهن جا آثار ڏيپلي تعلق ٻلهاري ۽ راحمڪي بازار شهرن جي وچ تي موجود آهن، جتان انهيءَ دور ۾ ڍور درياهہ جو وڏو وهڪرو وهندو هو ۽ اهو شهر اتي آباد هو، جيڪو هڪ طرف دريائن سان ۽ ٻئي طرف "گوڙي جي نار "(ڪوريءَ جي نار) سان ڳنڍيل هو.

ڄام ڏاهر يا ڍهر جي راڄڌاني ٿرپارڪر ضلع جي ننگر پارڪر، مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن ۽ ڏگڙي تعلقي جي ڏاڪٽين حصي ۽ بدين ضلعي جي ٽنڊي باگي، بدين ۽ گولاڙچي تعلقن ۽ ڪڇ جي لکپت، سنڌڙي، ڪريڙ، ٻني، ٻيلي ۽ ٻين ويجهن ٻيٽن واري ايراضيءَ تي مشتمل هئي.

ڄام ڪيرئي کان پوءِ ڄام جوجهي ولد سمي ولد هٻي جو راڄ شروع ٿيو، جيڪو پڻ پنهنجي دور جي يادگار شخصيت هو. جنهن کان پوءِ سندس پٽ ڄام ڏاهر ساماڻو، جنهن جو اثر اڳوڻن سپني سردارن کان اڳرو رهيو، جنهن ٻلهيار واري ايراضيءَ ۾ ڍور جي وڏي وهڪري تي هڪ وڏو شهر آباد ڪرايو، جنهن جو نالو اڳتي هلي "ڍهر "مشهور ٿي ويو ۽ هنڌين ماڳين ڏاهر جي تعريف ٿيڻ لڳي. جڏهن شاهہ صاحب پنهنجي دور ۾ انهيءَ ايراضيءَ ۾ آيو ۽ سمن سردارن جا يادگار ڏٺائين تہ انهن کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ آثارن واري ايراضي ۽ سردارن کي ڳائيندي ان سُر جو نالو ئي سُر ڏاهر رکيائين، جنهن کي پوئين دور جي مرتبن سُر ڍهر لکيو آهي. "(6)

”ڏهر عام طور تي واري خطي ۾ ٻن پٽن جي وچ واري هيٺاهين وسيع ۽ سنئين پَٽ کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ برسات پوڻ کان پوءِ پوک ٻه ٿئي ٿي، تنهن ڪري ڏهر کي ’ٻني ‘ٻه چوندا آهن. جيئن ته سُر ۾ لاکي ڦلاڻي، بداماٽي، پنڊي، جاڙيجن، سمن، ريٻارين، اوڏن ۽ سنگهارن جا گهڻا بيت آيل آهن، ۽ تاريخي لحاظ سان انهن جو تعلق سنڌ جي ڏکڻ اوپر واري ٿر ۽ ڪڇ جي علائقي سان آهي، تنهن ڪري انهن موضوعن وارن بيتن ۽ واين جي لاءِ خاص طرح ترَ جي جاگرافي اصطلاح موجب ’ڏهر ‘تجويز ڪيو ويو. “(7)

سُر ڏهر ۾ ڪڇ ۽ ٿر جي خطي سان واسطو رکندڙ علائقن، وهڪرن ۽ ماڳ مڪان کي شاهه صاحب بيان ڪيو. مثلاً:

**پائر:** آءٌ ته اکيين اُگهان، جي پائُر ڏنئي پير،

**وٽ:** جهڪون نه جهٽڪن، وڳ نه پسان ’وٽ ‘۾،

**چوٽاٽو:** چارئين ’چوٽاٽو‘، وڳ وهارين ويسرا،

**بداماٽي ٻُٺ:** چيتا ڪيو چُٽيج، ’بداماٽي ٻُٺ ‘۾،

**ٻلهيار، ڏاڳي ۽ ڏوڙ:** جڏهن ’ڏاڳي‘، ’ڏور ‘پٽي وهن ’ٻلهيار ‘۾،

**پُراڻ:** جهوني تون ’پُراڻ‘، جڳ چٽيھ سنيرين،

**سانگ جو تلاءُ:** ڪنڌين اڪ ڦلاريا، ’سانگ ‘سڪو شاهه،

**پٽيهل:** ’پٽيهل ‘تو ۾ پور، اڳيون نه آب جو،

**لوٽي:** لاکو ’لوٽي ‘آيو، هر هنڌ پئي هاڪ،

**پُنري جا پٻ:** ’اڄ گهرجين تون‘، بداماٽي پُنرا،

**گهاڙي:** لاکا لڳي ڏينهن، ’گهاڙي ‘ري ڪيئن گهارئين،

**ڪنڊو:** (هي هڪ وڻ آهي، جنهن مان اڻ سڌي طرح مڪان جي خبر پوي ٿي) ’ڪنڊا ‘تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڏور وهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ’ساموئي ‘جي قديم ڪنڊرن جي سير کان فارغ ٿي، ’هاڪڙي ‘جو ڪنارو وٺي اوڀارو روانو ٿيو ۽ پنج ڇهه ميل ڏکڻ طرف هلڻ بعد ’ٿانور پٽي ‘جي شهر جي ڪنڊرن وٽ پهتو، جيڪي ’ڊگهڙي ‘تعلقي جي ديهه ’جنهاڻ ‘۾، فضل ڀنيري اسٽيشن کان ٽي ميل ڪن اوپر طرف هاڪڙي جي ساڄي ڪپ تي آهن ۽ ڪافي ايراضي والارين ٿا. اُتي پهچي شاهه صاحب کي ٿانور پٽي جي اها ڏک ڀري ڪهاڻي معلوم ٿي، جنهن ۾ هُو، پنهنجي ملڪ ۾ سخت ڏڪار پوڻ واري حالت ۾ روزگار خاطر اهڙي ملڪ ۾ وڃي نڪتو، جنهن ۾ پورهئي تي ايندڙن لاءِ اِهو قانون هو ته ڪي ٻه زال مڙس گڏجي اچي نه رهن. “(8) ۽ مجبوريءَ سبب ٿانور ۽ سندس زال، ڀاءُ ڀيڻ ٿي رهيا ۽ پورهيو ڪندا رهيا. انهيءَ ڏک ڀري ڪهاڻي شاهه صاحب تي اثر ڇڏيو ۽ سُر سارنگ ۾ برسات ايندي ڏسي، ٿانور جي وڻيءَ جي اندر جي ڳالهه ڪجهه هيئن ٿو ڪري ته:

ٿانورَ اُتي ٻِيَرُ، ڏيهه ڪنودي وڄڙي،
مَنُ ڪُلي باغ ٿيو، هينئڙي لَٿي ڪَسُ،
تَني ڪارڻ وَسُ، جن ورَ مٿائي ڀائوَ ڪِئا.

(ڀانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، سُر سارنگ، 4/3)

’’تانور پٽي ‘سومرا دور جو هڪ ننڍو سردار هو، جنهن جي راجائي، ڪجهه ٿر جي ايراضيءَ ۾ ۽ ڪجهه هاڪڙي جي ڪناري سان هئي، هن جتي پنهنجو شهر آباد ڪيو هو، اتي اڳ ۾ به هڪ پراڻي شهر جا ڪنڊر هئا، جن کي ‘بروئڙ ‘يا ‘برؤڙ ‘سڏيو ويندو هو.

حضرت پٽ ڌڻي جنهن دور ۾ اتي آيو هو، مذڪوره ڪنڊرن کي ‘تانور پٽيءَ جو پڙو ‘ڪوٺڻ سان گڏ ‘بروئڙ ‘جا ڪنڊر سڏيو پئي ويو ۽ اهي ڪنڊر اصل ۾ آڳاٽي دور جو هڪ تاريخي شخصيت ‘بروي ‘يا ‘بروَڙي ‘جي آباد ڪيل شهر جا آثار آهن، جيڪي عرب دور کان ڪنهن به حالت ۾ آڳاٽا چئبا، چوته محمد بن قاسم ‘راوڙ ‘جي فتح بعد ‘برهمڻ آباد ‘ڏي موٽندي، ‘برؤڙ ‘جو قلعو به فتح ڪيو هو، جنهن کي عرب مؤرخن ‘بهرور ‘يا ‘برور ‘لکيو آهي. اهي ڪنڊرات اڄ به موجود آهن ۽ اتان ‘منجنيقن ‘۾ استعمال ٿيندڙ مٽي جا پڪل گولا پڻ لڀن ٿا. هن وقت به اهي ڪنڊرات ٻنهي نالن سان سڃاڻپ ۾ اچن ٿا.

لاڪيٽي لطيف انهن شهرن جي ڪنڊرن جي گهمڻ دوران ‘تانور پٽي ‘جي ڪهاڻيءَ سان گڏ ‘بروي ‘ جي دل ڏاريندڙ ٻڌي، جنهن بعد پاڻ انهيءَ ڪهاڻيءَ جي  سورميءَ ‘رِپ ‘ڏيءَ ‘ڪلياڻ ‘جي رهائش گاهه وارن ڪنڊرن ڏانهن به ويو، جيڪي هن وقت جي سروي موجب ڏگهڙي تعلقي جي ‘ڳونيري ‘ٽپي ۾ موجود آهن، جنهن کي هينئر ‘ڳاڙهو پڙو ‘سڏين ٿا ۽ انهيءَ ايراضيءَ وري ديهه جو نالو به ‘ڳاڙهو پڙو ‘آهي.

‘بروئي‘ ۽ ‘رپ ‘جي ڪهاڻي، هاڪڙي ۽ پراڻ جي مشهور ڪهاڻين مان سينيءَ کان پراڻي ڪهاڻي آهي، جيڪا شاهه صاحب جي دور ۾ ملڪ اندر عام مشهور ڪونه هئي، پر سنڌ جي سڄاڻ ۽ همه گير شاعرن کان ڳجهي رهي نه سگهي ۽ ان کيس پنهنجي ڪلام جي چئن سُرن: بروئي،  رپ، ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ اشارن سان پيش ڪري، هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏي آهي. هتي اهو پڻ عرض ڪندس ته، سنڌ جو اڪثر عوام، توڙي اديب صاحبان انهيءَ ڪهاڻيءَ کان واقف ڪونه آهن. “(9) (معمور يوسفاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ‘لطيف جا ٿر تان پيرا ‘۾ صفحي نمبر 28 کان 41 تائين اهو داستان وضاحت سان پيش ڪيو آهي).

اهڙي طرح سُر برووسنڌي ۽ سُر رپ جي عشقيه داستان، جنهن ۾ بروو سورمو ۽ رپ سورمي آهي، جي عشقيه داستان جوتعلق پڻ هن خطي سان آهي. معمور يوسفاڻي، ‘لطيف جا ٿر تان پيرا ‘۾ صفحي 14 تي لکيو آهي ته، ٿرپارڪر ضلعي جي خوش بختي آهي، جو سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 15 سُرن جو جاگرافيائي ماحول هن ضلعي سان آهي. هيٺين سُرن کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح انهيءَ خطي سان چئي سگهجي ٿو.

**سڌي واسطي وارا سُر:** ڪنيات، سارنگ، سورٺ، بروو سنڌي، مومل راڻو، رِپ، ليلا چنيسر، ڍهر ۽ مارئي.

**اڻ سڌي طرح وارا سُر** يا اهڙا سُر جن ۾ ڪجهه بيت اهڙا آهن، جيڪي هن خطي جي جاگرافيءَطرف اشارا ڪن ٿا: سُر يمن ڪلياڻ، سُر پورب، سُر سامونڊي، سُر سريراڳ، رامڪلي ۽ ڪاهوڙي.

مٿيان سُر رچڻ کان اڳ ۾ شاهه صاحب ڪي، ٿر جي ايراضيءَ جو سفر ڪرڻ لاءِ ڪاهو جي پٽ ساموئي يا سمانگر تائين، بروئر کان ليئور يا ليار تائين، نُهٽي کان ليهور تائين، ليهور کان سيرين تائين، سيريين کان ڪپوراڙي تائين ۽ اهڙي طرح ڪلور، مهراڻي، ڪاهڙ، پارڪر، پائر، مومل ۽ مينڌري جا ماڳ، عمرڪوٽ کان ڪاڪ محل تائين، ڪاروڙي کان پالوا تائين هر هنڌ ۽ مڪان کي ڏسڻ لازمي هو، تنهن لاءِ شاهه صاحب اهي ماڳ مڪان ڏوري ڏٺا ۽ انهيءَ سڄي سفر دوران مٿي بيان ڪيل سيني علائقن ۾ وسندڙ ذاتين جي ماڻهن جي ٻولي، ريتن رسمن، عادتن، اخلاقن، رهڻي ڪهڻي ۽ انهن جي خوشين ۽

غمن کان خوب واقف ٿي پيو هو، تنهن جو ذڪر مٿي ڏنل سُرن ۾ ڪيترن ئي بيتن ۽ واين ۾ ملي ٿو. ظاهر آهي تہ، شاهہ صاحب جي اندر کي چيري، جيڪي شعر نڪتا آهن، سي بنان مشاهدي ڪيئن ٿا رچي سگهن.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٿر ۽ ٿري ماحول، اتان جي ماڻهن جي رهڻي، ڪرڻي ۽ ڪهڻي کان بخوبي واقف ٿي چڪو هو، تنهن جو مثال مٿي ٻڌايل سيني سُرن ۾ مختلف بيتن مان ملي ٿو. اسان هتي ڪجهہ مثال سُر مارئيءَ مان پيش ڪريون ٿا.

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ٿري ثقافت جو آئينو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي دور جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشرتي قدرن کي شاعري جي ذريعي اپاريو آهي. سندس شاعري ۾ ٿر ۽ ٿري ماڻهن جي زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو واضح ٿين ٿا. ٿر، جيڪو سنڌ جو هڪ قديم ۽ ثقافتي لحاظ کان مالا مال خطو آهي، ان جي سماجي قدرن کي لطيف سرڪار پنهنجي شاعري ۾ انتهائي خوبصورتي سان بيان ڪيو آهي. هيٺ ڪجهہ اهم موضوعن تي وضاحت ڏني وڃي ٿي:

1. **ٿر جي سادگي ۽ فطري زندگي:**

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ ٿر جي ماڻهن جي سادي، غير تصنعي ۽ فطرت سان هم آهنگ زندگي جي تعريف ڪئي آهي. ٿر جو علائقو، جيڪو ڏاڍو سادو ۽ فطري آهي، پنهنجي زندگي جي سادگي ۾ پنهنجي حسن رکي ٿو. لطيف سائين ٿر جي ماڻهن جي سادگي، انهن جي محنتي زندگي ۽ فطري ماحول جي تعريف ڪندي نظر اچي ٿو.

پٽولا پنهواريون، مُور نہ مٿي ڪن،

(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/1)

2. **محبت، سچائي ۽ وفاداري:**

شاهہ لطيف جي شاعري ۾ محبت جو عنصر انتهائي اهم آهي. هن پنهنجي ڪيترن ئي سرن ۾ ٿر جي محبت ۽ وفاداري کي اهميت ڏني آهي. مثال طور، "سر مارئي" ۾ مارئي پنهنجي ماروئن سان محبت جي معراج کي پيش ڪيو ويو آهي. سندس قرباني ۽ وفاداري جو مثال، ٿر جي عورتن جي مضبوط جذباتي رشتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ٿر جي عورت ڪنهن بہ لوڀ، لالچ يا ڏاڍ ۾ پنهنجي محبت نٿي مٽائي، هوءَ وفا جو پتلو آهي. جنهن کي شاهہ صاحب هيئن ساراهيو آهي:

اِيءَ نہ ماڙُن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي اَمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پَکن جي پريت، ماڙيَ سين نہ مٽيان.

(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/11)

ٿري ماڻهوءَجي سادگي ۽ سچائي سندس وجود ۾ وفائي جو انگ اڱڙو آهي، چوتہ اهو لالچ ۽ هٻچ جو شڪار نہ هوندو آهي. اها سندن ريت ناهي، اهي لاچي ناهن، جو رشتن ۽ محبتن جا سودا ڪري سون ماڻيون.

عُمر اڇا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪيئن ڪَن؟
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/12)

اي عمر! جن جا ور ڏار آهن، بدنصيب آهن، اُها صاف سترا، سفيد ۽ قيمتي ڪپڙا ڪيئن پهرين.

3. **قرباني، صبر ۽ توڪل:**

ٿر جو علائقو سختي ۽ مشڪلاتن سان ڀريو پيو آهي، جتي زندگي گذارڻ لاءِ ماڻهن کي ڪيترين ئي آزمائشين مان گذرڻو پوي ٿو. لطيف سرڪار پنهنجي شاعري ۾ ٿر جي ماڻهن جي صبر ۽ قرباني کي واکاڻيو آهي. ٿر جا ماڻهو پنهنجي روز مره جي زندگي ۾ جيڪي مشڪلاتون برداشت ڪن ٿا، اهي لطيف جي شاعري ۾ جڳهه والاريون ٿيون آهن. شاهه صاحب انهن جون معاشي حالتون بہ اهڙي طرح ڄاڻي ٿو، ڄڻ هر گهر جي "چلهه جون خبرون "ڄاڻندو هجي.

آڻين ڪينَ چاڙهين، ڏُت ڏيهاڻي سومرا!
ستا ڪيو سيد چئي، سائون سڪائين،
منجها لنب لطيف چئي، چائر ڪئو چاڙهين،
پُلاءُ نہ پاڙين، عمر! آراڙي سين.
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/4)

ٿري ماڻهو ٿوري ۾ بہ خوش هوندا آهن، اها سندن نفسيات اڻهوند سبب جڙي هوندي. پر اهي ان ٿورائي ۽ اڻهوند ۾ بہ قرار ۾ آهن. شاهه صاحب کي سندن اها خوبي ايتري تہ وڻي آهي، جو هو جولان ۾ اچي ٿو وڃي ۽ ڄڻ جذباتي انداز ۾ وڪالت ٿو ڪري، بي صبرن کي صلاح ٿو ڏئي تہ اها خوبي وڃي ٿرين وٽان سِکي اچو:

ٿوري قوت قرارئا، رهن سَبر سَتَ،
ڪتي ۾ ڪِهَ يُڪلئا، پُوٽن اِهڙي پَتِ،
پنهوارن پت، پيهي پُڇ ملير ۾.
(گربخشاڻي، سور مارئي، 7/6)

4. **ٿري ثقافت ۽ روايتون:**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٿر جي مقامي ثقافت، روايتن ۽ رسمن جو بہ ذڪر آهي. هو انهن روايتن ۽ ثقافتي قدرن کي پنهنجي شاعري ۾ اهم جڳهه ڏئي ٿو، جيڪي ٿر جي سماج ۾ اڄ بہ زنده آهن. لطيف جي شاعري ٿر جي ماڻهن جي عقيدت، مذهبي روايتن ۽ ثقافتي ميلن کي پڻ اجاگر ڪري ٿي.

ثقافت، جون پاڙون لاڳاپيل خطي جي جاگرافيائي، آبهوائي ۽ ماحولياتي حالتن ۾ کُتل هونديون آهن. جن سان اتان جي رهواسين جي سماجي ۽ معاشي زندگي سلهاڙيل هوندي آهي. شاهه صاحب ٿري جي سماجي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حالتن کان خوب واقف هو. تڏهن تہ هُو، مارئيءَ جي واتان ٻڌائي ٿو تہ اسان کي (ٿرين کي) کهڙو ويس ٿو سونهي، (يعني اهي کهڙو ويس ٿا ڍڪين) ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ انهن ماروئڙن جي ريتن رسمن طرف بہ اشارا ملن ٿا. مارئي چوي ٿي تہ اسين ٻڪرار ماڻهو آهيون، سادو پهرڻ ئي اسان جو شان آهي. پٽولا ۽ عمده ڪپڙا اسان ڪڏهن ڪين ڍڪيون.

مون ماروءَ سين لَڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ڀانهن ٻڌائون،
عمر جو آئُ پٽُ، ڪنءَ پَرَهيان؟ سومرا!
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/6)

ٿري ريت مطابق، جڏهن مڱڻو ڪبو آهي تہ لوئي يا ڪٿو موڪلبو آهي ۽ شادي مهل پڻ گهوٽيتا، ڪنوار کي لوئي اوڍائين ۽ هڪبئي کي پنهنجائپ وارن ٻنڌڻ ۾ ٻڌڻ طور علامتي طرح گهوٽ، ڪنوار کي سڳا ٻڌندو آهي. مارئي انهيءَ لوئي کي پٽولن کان گهٽ ۽ ڪچن ڌاڳن کي بہ سون برابر سمجهي ٿي ۽ عمر جي هر آڇ کي ڌڪاري ٿي.

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سُوءِ،
وَرُ جيڏين سين جوُع، فاقو فرحت پائيان.
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/10)

غربت سبب ڪو زيور وغيره ڪونہ پايون، اسان جي لاءِ اِهي ڪارا ڌاڳا ئي سنا آهن ۽ سون اسان لاءِ سُوڳ آهي.

ڪراين ڪَروڙ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِ،
سر مَرَڪُ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي.
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/9)

ٿر جا ماڻهو شاديءَ مهل ڪنوار کي عاج جا چوڙا پهرائن ۽ اهي تيستائين پاتل هوندا آهن، جيستائين سندس وَرُ حيات هوندو آهي ۽ پنهنجي سهاڳ جي علامت هئڻ سبب اهي هنن چوڙن کي ڪروڙن جي قيمت برابر ٿيون سمجهن ۽ اهي پائي رکڻ ئي انهن لاءِ فخر لائق هوندا آهن ۽ بغير چوڙن جي ڪين لڄ ٿيندي آهي.

مٿي ڏنل بيتن جي سٽن جي روشنيءَ ۾ اِهو ظاهر ٿئي ٿو تہ، مارو ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي هر شئي سان محبت ڪن ٿا ۽ انهن جي اِهائي خوبي شاهہ صاحب کي موهي ٿي، ۽ انهن جي انهيءَ خوبيءَ ۾ سمايل سادگيءَ کي ڳائي ٿو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ شاهہ صاحب اُتان جي ماحول جي خبر ڏي ٿو تہ:

ڪارا ڪپڙ ڏيهہ ۾، ٻيا واريءَ منجهہ وٿاڻ،
ساٿين کي، سيد چئي، پرئون ڏين پاڻ،
عمر! اي آماڻَ، ثابت رکج، سومرا!
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 3/17)

پٽن پر هُندا، پُنگا پَرَ پَتار جا
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/1)

پنهوارن پابوهيو، ڪِي وَسَ واهڻُنِ،
لٽو سيءُ لطيف چئي، بَدو ڦڻُ ڦَرنِ،
اُوءِ ٿا ڪورنِ ڪُنئري، سريتون مٿان سَسَنِ،
عمر! اُن گُندري، پاسي ڪاند ڪَتن،
پائر ڏنيون پنيون، ننڍن نورا پن،

كائر ڪتيون خاصيون، اوچيون اُت اُڃُن،
ڪيئون پيڻ ڪَهَن: "ملير گھر جي مارئي."
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/2)

مٿين بيت ۾ شاهه صاحب برسات جي اچڻ سان ماروئڙن جي زندگيءَ ۾ حرڪت اچي وڃڻ، سيءَ لهڻ سان ڦرن/ڍڳن جي منهن کي هر ڪائبا آهن، ٿر ۾ سها ٿين، انهن جي نرم نرم اُن ڪتندا آهن ۽ انهن مان لويون، ڪتيون، ڪمريون وغيره ناهن.

## 5. محنت ۽ پاڻ تي ڀروسو:

لطيف جي شاعري ۾ ٿر جي ماڻهن جي محنت ۽ انهن جي پاڻ تي ڀروسو ڪرڻ جي عڪاسي ملي ٿي. هن پنهنجي شاعري ۾ ٿر جي ماڻهن جي سخت محنت ۽ انهن جي مستقل مزاجي کي ساراهيو آهي، جيڪي پنهنجي محنت سان پنهنجي زندگي کي بهتر بڻائين ٿا. هينين بيتن ۾ خوب منظر ٿو چڪي، جيڪڏهن ڪو ٿريو پڙهندو ته پنهنجي تصوير پنهنجي سامهون ڏسندو، جيڪڏهن ڪنهن ٿر ۽ ٿريا ڏٺا هوندا ته هُن جي اکين ۾ چمڪ چڙهي ايندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٿر نه به ڏٺو هجي ته انهيءَ جا حواس صحيح ڪم ڪرڻ لڳندا ۽ سڄو منظر جڻ سامهون پسندو:

مٿن ٿُبڪ ٿُبڪڙا، چڪنڊڙا اچن،
ڪڙيون ڪيهه ڀڪليون، ڀگهر سِر ڀيرن،
اي وَڙَ ويڙهيچن، مون لوڏائين لڪئا.
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/8)

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ ٿر جي سماجي قدرن جو اپياس هڪ اهڙي دنيا کي سامهون آڻي ٿو، جتي انسانيت، محبت، قرباني ۽ سادگي جا قدر اهم آهن. سندس شاعري ٿر جي سماجي زندگيءَ جو هڪ مڪمل ۽ جاندار تصوير پيش ڪري ٿي، جيڪا اڄ به سنڌي ادب ۽ ثقافت ۾ انتهائي اهميت رکي ٿي.

مطلب ته، مٿي ڏنل بيتن ۾ شاهه صاحب موسمن جي رودوبدل سبب ٿر واسين جي زندگيءَ ۾ تبديلين جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ اِهو پڻ ٻڌايو آهي ته، ڪائر جون ڪتيون خاصيون آهن. هوئنئن ته سڄي ٿر ۾ لويون، سوسيون، ڪمريون، ڪتا وغيره اڻت ٿين ٿا، پر شاهه صاحب جي گواهيءَ تحت ڪائر مڙوئي اڳيرو آهي.

## 6. آزاد ۽ فطرت سان هم آهنگ:

ٿر جي فطري سونهن ۽ وشالتا اتان جي رهاڪن کي، آزاد ۽ فطرت سان جوڙي رکيو آهي. هو انهيءَ فطرت سان ڀرپور خطي کان ذري برابر به پري وڃن ٿا ته اُهي هر پل انهيءَ عشق ۾ هوندا آهن، ۽ ڀيا واجهائيندا آهن، ته ڪڏهن وڃي پنهنجي ملڙن سان ملون، ڀهرين پنهنجي پياري ڌرتي تر پڄون، پوءِ ڀلي حياتي پوري ٿي وڃي.

اَللهَ اِيئَنمَ هوءِ، جِيئَن آئُون مَران بَندَ ۾،
جُسو زَنجِيرَنِ ۾، راتو ڍِينهَان روءِ،

پهرين وَڃَان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَڻِ ڏِينهَڙا.

(ٻانهون خان شيخ، سُر مارئي، 6/11)

بلڪ پنهنجي ملڪ کان پري موت اچي وڃي ته، مڙهه به جيڪڏهن ٿر جي ٿڌڙي واري حوالي ٿئي، ته اها موت به جيئڻ برابر ئي هوندو.

واجهَائي وَطَنَ کي، آئُون جي هِتِ مُيَسِ،
گورَ مُنهنجِي سُومَرا! ڪِجِ پَنهَوارَنِ پَسِ،
ڏِجِ ڏاڏاڻين ڏيهَه جي، مَنجهَان وَلِڙن وسُ،
مُيَائِي جِيَسِ، جي وڃي مڙُهُه مَلِيرَ ڏي.

(گربخشاڻي، سُر مارئي، 6/12)

سندن گذر، سفر ۽ مال جي چاري بابت چاڻ هينئين سٽن مان به ملي ٿي:

... وليون، وڻ ڦلاريا، لُڙُ نڱئو مَنُ،
آڻئو وجهن آهُرين، سندا ٿوهِڻ ٿَس،
ميوا، مُڃر، ماڪيون، سَڀِ ڪا چِڱن چَس...

(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/3)

شاهه صاحب هن خطي جي معاشي، سماجي ۽ سياسي زندگيءَ کان به واقف هو. "راڻن جي صاحبيءَ ۾ ٿر ۾ اهو رواج هو ته، جنهن کي جيتري زمين ڪپندي هئي، سو تيتري وڃي پوکيندو هو ۽ پنهنجي پيدائش سارو ڳاهه ڳادي نشين راڻي کي ڍل پهچائيندو هو. راڻا وري دهليءَ جي بادشاهه کي ساليانو ڏن ڏيندا هئا ۽ ائين ڪيترائي سال پئي چرخو هليو، جڏهن اڪبر بادشاهه تخت تي وينو، تڏهن عمرڪوٽ جي راڻن جيڪي خدمتون سندس پيءُ جون ڪيون هيون، سي ياد آيس ۽ پنهنجي جنم جي ڳالهه به ياد ڪري، عمرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته عمرڪوٽ منهنجي جنم جي جاءِ آهي، اوهين منهنجي والد سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا، تنهن ڪري توهان کان ساليانو ڏن وٺڻ آئون حرام ٿو سمجهان ۽ اوهان کي سڀ ڍلون معاف آهن! اڪبر بادشاهه جي هن حڪم جي پڌرائي ٿي ته سڄي ٿر ۾ واهه واهه پئجي وئي ۽ هرڪو ائين چوڻ لڳو ته اڪبر بادشاهه، عمرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن سڄي ٿر مان رائر (ڍل) جو رواج بند ڪري ڇڏيو.

شاهه جي رسالي مان ڏسجي ٿو ته، شاهه لطيف جڏهن ٿر ۾ گهمڻ ويو هو، تڏهن به ڍل جو رواج ٿر ۾ ڪونه هو. اها خبر رسالي ۾ 'مارئي 'جي هينئين ٽُڪ مان پوي ٿي، جنهن ۾ هڪ آزاد سماج، ماڻهن جي ظاهري توڙي اندروني خوبصورتي ۽ ٿر ملڪ جي عظمت کي پيش ڪيو آهي:

"نڪا جهل نه پَل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهُرين، روڙيو رتا ڱُل،
مارو پاڻ املَ، مليرون مرڪٽون."

(گربخشاڻي، سُر مارئي، 7/7)

ننگرپارڪر پاسي جن راڻن راڄ ڪيو ٿي، تن به اهو ئي دستور اختيار ڪيو ۽ سڄي ٿر مان ڍل جو نالو ئي نڪري ويو."(10)

### 7. وقت جي اهميت:

وقت تہ هر سماج جي هر فرد لاءِ انتهائي ڪارائتي وٿ آهي. جنهن وقت جو قدر ڪيو تنهن ڄڻ بازي کٽي، ۽ جنهن بہ وقت جو استعمال ان جي صحيح وقت تي نہ ڪيو، سو غلط ماڻهن يا حالتن جي ور چڙهي ويندو ۽ ڪجھ بہ پلئہ نہ پوندو. ويسرو هميشہ وڃائيندو آهي، ۽ اورچ هميشہ ماڻيندو آهي.

ٿري سماج جي پس منظر ۾ ڏسنداسين تہ، وقت ڪنهن فرد جو ذاتي مسئلو هئڻ سان گڏ پوري سماج جو پڻ معاملو آهي. جو سندن جياپي جو ڪاروهنوار بينل هوندو آهي. هڪ برسات پوڻ مهل ۽ ٻيو فصل جي لاباري مهل جيڪڏهن ڪو بہ ٿريو غافل، ڪاهل يا سست رهيو تہ هڙ ئي وئي، ڇاڪاڻ تہ گهربل وقت اندر ئي هر ڪاهٽو پوندو آهي ۽ فصل پچڻ کان پوءِ ويسرائي جو هڪ هڪ پل سندس فصل جي ذيان جو سبب بڻبو آهي.

انهيءَ کان علاوه وقت جي استعمال جي حوالي سان جيڪو ٿري سماج سان واسطو آهي، سو کوھ تي پاڻي پرڻ جو. ٿر ۾ ڳوٺن مخصوص انگ ۾ کوھ هوندا آهن، تنهن ڪري هر ڪنهن جو پاڻي پرڻ جو وارو رکيل هوندو آهي، جيڪڏهن ڪو بہ پنهنجي مقرر وقت تي نہ ويو، تہ ان جو نقصان ٿيندو. يا رات جو ئي سڀ پاڻي پري، اسر ويلي کيتن ۾ ڪم ڪار لاءِ نڪري ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو مارئي وانگر ويسرو دير سان ويندو تہ، ڪيس پاڻي نہ ملندو.

آڏيءَ أتين تي، جيلان پَاڻِي پَاتَرَنَ ۾،
وارو ويسَرِيُنَ ڪي، ڏِينهَان ڪو نہ ڏي،
مُون ڪَمِيڻِيءَ ڪي، مٿَان ڪُوهَہ ڪٽِي وِئا.
(گربخشاڻي، سُر مارئي، 8/10)

### 8. سونهن ۽ رومانس پرستي:

خوشحال ۽ آزاد سماج ۾ سونهن ئي سرجندي آهي، ۽ ان سماج سان فرد پاڻ تہ سهڻا هوندا ئي آهن، ۽ اُهي هر سهڻي شئي سان پيار ڪندا آهن. مارو پاڻ املھ مليرون مرڪٽو. سُر سارنگ، سُر مارئي، سُر مومل راڻو ۽ ٻيا ڪيترائي سُر ان جي ساک پرين ٿا.

اَڳِ تَازِي ٻهَر ڪُنڊِيُون، پَکا پَتِ سُونهَنِ ،
سُرَهِي سيجَ پَلنَ ۾، پوءِ مَرُ تا مِيهَنِ وَسَنِ ،
الله اُنَ ڏيهَنِ ، وينِي سَارِنگُ سَارِيَان.
(بانهون خان شيخ، سُر سارنگ، 2/21)

۽ جنهن محبوب سان ميلاپ لاءِ پئي سارنگ کي ساري، تنهن جي ساٿ هجڻ جو هڪ پل بہ سڀ سيءُ سڀ سور لحظي ۾ لاهي ٿو ڇڏي.

ڪَانڌَ تُنهنجي پَاندَ ري، سِيءُ مَرَ ان سَيَ رَاتِ،
ڪَامِلَ ڪَپَاهَنَ ۾، جَهپَ نہ اَچي جَهلتِ،
اَچين جي پريَلتِ، تہ آئُون سِيءُ نہ سَارِيَان.
(بانهون خان شيخ، سُر سارنگ، 2/22)

انهيءَ کان علاوه سُر ڏهر، سُر رپ، سُر سارنگ ۽ ٻين متي بيان ڪيل سورن جي موضوع جي حساب سان اهڙا ڪيترائي مثال بيتن ۽ واين جي روپ ۾ ملن ٿا. تن مان واضح خبر پوي ٿي ته شاهه صاحب ڪيترائي دفعا ٿر گهميو هو ۽ پاڻ ٿر جي ٻولي، رهڻي، ڪرڻي، ريتن رسمن، تاريخ، جاگرافي، ماحول، آبهوا وغيره سڀني جو هڪ سائنسدان وانگر جاڻ رکندڙ هو.

**نتيجا:**

مٿين سڄي بحث مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته، شاهه صاحب، سنڌ جي هن ملوڪڙي خطي ٿر سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو. نتيجي طور شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ٿر ۽ اتان جي ماحول کي تمام گهڻي ترجيح ڏني آهي. ٿر جي زمين، اتان جي ماحول، ثقافت، ريتن رسمن، موسمن، ماڻهن پاران ايڏي غربت، بک، بدحالي ۽ بيماري ۽ هجڻ جي باوجود پنهنجا پونگا نه ڇڏڻ ۽ انهن سان محبت ڪرڻ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان واڳيل هر شيءِ کي روح ۾ رچائڻ، مهمان نوازي، آزادي، بهادري، سماجي سهپ، مذهبي رواداري، انسانيت ۽ ماڻهپي جا گڻ، پنهنجي اباڻن ۽ پنهنجن جي سُڃي به بادشاهي کان مهان ۽ معتبر سمجهڻ، سادگي، سچائي، وفائي، خوبصورتي، پنهنجي ثقافت، وٽن ٽٽڻ، پکين، جانورن وغيره سان پيار ۽ آزاد زندگي گذارڻ وغيره، سڀ خوبيون شاهه صاحب ٿر ۾ ڏٺيون ۽ انهن جو اثر شاهه صاحب جي سوچ تي پيو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيائين ۽ انسانيت جي عظمت جي نڪتن کي نروار ڪري، هڪ مڪمل انسان هجڻ جو درس ڏنائين ۽ هڪ سڌريل سماج جو سبق سيکاريائين.

**حوالا:**


1. اڏڙو، بدر،"سنڌ جو شاهه"، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، ص: 156 ۽ 157
2. ساڳيو، ص: 157
3. ساڳيو، ص: 158 ۽ 159
4. ساڳيو، ص: 160
5. ساڳيو، ص: 160
6. يوسفاڻي، محمد عمر معمور: سُر ڏاهر جو مطالعو، (مقالو): "سُر ڏهر": مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، 1989ع، ص: 17، 18 ۽ 22
7. شيخ، محمد اسماعيل: سُر ڏهر (موضوع، مودا ۽ متن جي چنڊڇاڻ): "سُر ڏهر": مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، 1989ع، ص: 70
8. يوسفاڻي، معمور"لطيف جا ٿر تان ٽيرا"، مهراڻ اڪيڊمي واڳڻو در، شڪارپور، 2001ع، ص: 28
9. ساڳيو، ص: 29 ۽ 30
10. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند"سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ"، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/لاڙڪاڻو، 2003ع، ص: 57 ۽ 58